
# نظم

## 1 غزل

ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ (جنم : 1936ع) چانديءَ بائي ڪاليج، اُلهاسنگر مان پرنسيپال تي رٽاير ڪيو اَٿائين. هن جي زور قلم کان 60 کن ڪتاب سنڌي، هندي، انگريزيءَ ۾ تصنيف ٿيل آهن. جن مان ’سنڌي شعر جي تاريخ‘، ’ازل جي اُڃ‘ ۽ ’احساس جو عڪس‘ ادبي حلقي ۾ بيحد مقبوليت ماڻي چُڪا آهن. هن شاعريءَ جي هر صنف غزل، رباعي، وائي، دوهو، گيت تي طبع آزمائي ڪئي آهي.

پڙهو، ڳايو ۽ سمجهو.

ڏاڏيءَ جي آ ڪيڏي اَسان تي عنايت،
بندو بي شڪر آ، ڪري ٿو شڪايت.
عِلمُ عَقُلُ دؤلت سندس سڀ اَمانت،
اَمانت ۾ ڪڏهين ڪجي ڪين خَيانت.
سوين سک سني صحت سائينءَ ڏني آ،
تڏهن پي نہ راضي، گُهرِ گُهرِ جي عادت.
اَسين پِنندا رهون ٿا، هوُ ڏيندو رهي ٿو،
ڪري فَضُل سائين، سندس آ سَخاوت.
ڪيڏا رب جا احسان آهن اسان تي،
اَنئي پهر جنهنجي جُڳائي عبادت.
ڏنو جيڪي ڏاتَر سو ڏيندا رهون،
ڏيڻ ۾ ئي ”آشا“ اَسانجي صَداقت.



### نوان لفظ

| | | |
|---|---|---|
| عنايت - مهرباني | بندو - اِنسان | شڪايت - دانهن |
| خَيانت - دغا، بدنيتي | فضل - ڪرپا | سخاوت - درياهہ دلي |
| عبادت - بندگي | ڏاتر - ڏيندڙ | صداقت - سچائي |

## اَڀياس

**سوال.١. هيٺين سوالن جا جواب هڪ جملي ۾ لکو.**

١) ٻندو ٻي شُڪر ڪيئن آهي؟
٢) ڏٺيءَ اَمانت طور ڇا ڏنو آهي؟
٣) اَمانت بابت ڇا چيو ويو آهي؟
٤) شاعر اَٽ ئي پهر عبادت ڪرڻ لاءِ ڇو چيو آهي؟

**سوال.٢. هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

١) سائينءَ جي سخاوت، سمجھايو.
٢) صداقت ڇا ۾ آهي؟ سمجھايو.

**سوال.٣. بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو.**

١) علم .................................................... ڪين خيانت.
٢) اَسين پنندا ............................................. آ سخاوت.
٣) ڪيڏا رَبَ ......................................... جُڳائي عبادت.

## پورڪ اَڀياس

(١) شعر بند تي عملي ڪم.

علم عقل دولت ............................................ جڳائي عبادت.

(الف) هڪ لفظ ۾ جواب ڏيو.

١) ٢٤ ڪلاڪ - ☐
٢) اَمانت جو ضد - ☐
٣) هر وقت گهرج ڏيڪارڻ - ☐
٤) تعليم سان واسطو رکندڙ - ☐

(ب) اَمانت، خيانت، عادت ۽ سخاوت اِهي هم آوازي لفظ آهن اهڙيءَ ريت هيٺين جا هم آوازي لفظ لکو.

١) رب ٢) سکر ٣) راضي ٤) احسان

(ب) پرماتما اسانکي ڇا ڇا ڏنو آهي؟

مثال موجب چوکنڊا پريو.

